SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر XIV مجريہ 1989

SINDH ACT NO.XIV OF 1989

سنڌ ماليات ايڪٽ، 1989

THE SINDH FINANCE ACT, 1989

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definitions

3. 1899 جي ايڪٽ II جي ترميم
Amendment of Act II of 1899

4. 1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XXXII جي ترميم
Amendment of West Pakistan Act XXXII of 1958

5. 1964 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XXXIV جي ترميم
Amendment of West Pakistan Act XXXIV of 1964

6. 1975 جي سنڌ ايڪٽ XV جي ترميم
Amendment of Sindh Act XV of 1975

7. موٽر گاڏي ڊيلر لاءِ لائسنس
License for Motor Vehicle Dealer

8. ڏنڊ

Penalty

9. سول ڪورٽس ۾ ڪيسن تي پابندي

Bar of suits in Civil Courts

10. قاعدا جوڙڻ جو اختيار

Power to make rules

سنڌ ايڪٽ نمبر XIV مجريہ 1989

SINDH ACT NO.XIV OF 1989

سنڌ ماليات ايڪٽ، 1989

THE SINDH FINANCE ACT, 1989

[26 آگسٽ 1989]

تمهيد (Preamble)

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ ڪجهه ٽيڪس، ڊيوٽيز ۽ فيس جي اوڳاڙي کي وڌائي معقول بڻايو ويندو.

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ ڪجهه ٽيڪس، ڊيوٽيز ۽ فيس اوڳاڙڻ ۽ ان کي وڌائڻ ۽ معقول بڻائڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

ان کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ ماليات ايڪٽ، 1989 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور پهرين جولاءِ 1989 کان نافذ ٿيندو.

وصفون
Definitions

2. هن ايڪٽ ۾، جيستائين ڪجهه مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

(a) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(b) "موٽر گاڏي ڊيلر" هڪ شخص جيڪو ڪميشن يا ٻي روڪ رقم عيوض هڪ موٽر گاڏي جي وڪري، مٽا سٽا، منتقلي يا ڏيتي ليتي جي ڳالهين جو انتظام ڪري يا ڳالهيون ڪري ۽ جنهن ۾ شامل آهي اهو ماڻهو جيڪو موٽر گاڏين جي وڪري ۽

خريد ۾ ڊيل ڪندو هجي؛

(c) "بيان ڪيل" مطلب قاعدن موجب بيان ڪيل؛

(d) "قاعدا" مطلب هن ايڪٽ جي روشني ۾ جوڙيل قاعدا.

1899 جي ايڪٽ II جي ترميم

Amendment of Act II of 1899

3. اسٽيمپ ايڪٽ 1899 ۾، سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ، ان جي شيڊول I ۾:

(a) آرٽيڪل 4 جي ڪالم 2 ۾، لفظن "ڇهه رپيا" کي لفظن "ڏهه رپيا" سان متبادل بڻايو ويندو.

(b) آرٽيڪل 13 جي شق (a) ۾ ڪالم 1 ۽ 2 ۾ داخلائن لاءِ، هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

جيڪڏهن اڪيلي طور جمع ڪيو وڃي	جيڪڏهن ٻن جي سيٽ ۾ جمع ڪيو وڃي، سيٽ جي هر هڪ حصي لاءِ	جيڪڏهن ٽن جي سيٽ ۾ جمع ڪيو وڃي، سيٽ جي هر هڪ حصي لاءِ
هر -/1000 رپين يا بل جي رقم جي حصي لاءِ 2.00 رپيا	1.00 رپيو	0.75 پئسا

(c) آرٽيڪل 48 ۾:

(i) شق (a) جي ڪالم 2 ۾، لفظن "پنج رپيا" لاءِ لفظن "پنجويهه رپيا" کي متبادل بڻايو ويندو.

(ii) شق (b) جي ڪالم 2 ۾، لفظن "ڏهه رپيا" لاءِ لفظن "پنجاهه رپيا" کي متبادل بڻايو ويندو.

(d) آرٽيڪل 49 جي شق (a) ۾:

(i) ذيلي شق (i) جي ڪالم 2 ۾ لفظن "پندرنهن رپيا" لاءِ لفظن "تيهه رپيا" کي متبادل بڻايو ويندو.

(ii) ذيلي شق (ii) جي ڪالم 2 ۾ لفظن "تيهه رپيا" لاءِ لفظن "ست رپيا" کي متبادل بڻايو ويندو.

1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XXXII جي ترميم
Amendment of West Pakistan Act XXXII of 1958

4. سنڌ موٽر گاڏيون ٽيڪسيشن ايڪٽ، 1958 جي شيڊول ۾:

(i) جريان نمبر 4 جي داخلائن ۾:

(a) شق (a) جي ڪالم 2 ۾ انگن "392" لاءِ انگن "400" کي متبادل بڻايو ويندو.

(b) شق (c) جي ڪالم 2 ۾ انگن "652" لاءِ انگن "660" کي متبادل بڻايو ويندو.

(c) شق (e) جي ڪالم 2 ۾ انگن "78" لاءِ انگن "80" کي متبادل بڻايو ويندو.

(d) شق (f) ڪالم 2 ۾ انگن "138" کي "150" سان متبادل بڻايو ويندو.

(ii) جريان نمبر 5 ۾ داخلائن لاءِ، هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

(a) موٽر گاڏي جنهن ۾ چئن کان وڌيڪ ماڻهن جي گنجائش نه هجي ۽:

(i) 7.46 Kwt کان وڌيڪ نه هجي 400 رپيا

(ii) 7.46 Kwt کان وڌيڪ پر 13.43 Kwt کان گهٽ نه هجي. 480 رپيا

(iii) 13.43 Kwt ۽ ان کان مٿي 600 رپيا

(b) موٽر گاڏي جنهن ۾ چار کان وڌيڪ ماڻهن جي

گنجائش هجي ۽ هر هڪ اضافي سيٽ لاءِ:

(i) جيڪڏهن 7.46 Kwt کان وڌيڪ نہ هجي تہ 80 رپيا هر سيٽ لاءِ

(ii) جيڪڏهن 7.46 Kwt کان وڌيڪ هجي تہ 100 رپيا هر سيٽ لاءِ

(iii) جريان نمبر 5 ۾ داخلائن کانپوءِ هيٺيون نيون داخلائون شامل ڪيون ويندیون:

"6. زرعي مقصدن لاءِ استعمال ٿيندڙ ٽريڪٽر:

(i) ٽريلر کانسواءِ ٽريڪٽر 100 رپيا

(ii) جيڪڏهن ٽريڪٽر سان ٽريلر گڏيل آهي 200 رپيا

5. سنڌ ماليات ايڪٽ، 1964 جي ستين شيڊول کي هن ايڪٽ جي شيڊول سان تبديل ڪيو ويندو.

1964 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ XXXIV جي ترميم

Amendment of West Pakistan Act XXXIV of 1964

6. سنڌ ماليات ايڪٽ، 1975 جي دفعہ 8 جي ذيلي دفعہ (1) ۾ لفظن "پنجهتر پئسا" لاءِ لفظن "هڪ رپيو" کي متبادل بڻايو ويندو.

1975 جي سنڌ ايڪٽ XV جي ترميم

Amendment of Sindh Act XV of 1975

موٽر گاڏي ڊيلر لاءِ لائسنس
License for Motor Vehicle Dealer

7. (1) ڪو بہ ڊيلر لائسنس ڪانسواءِ موٽر گاڏين جو ڪاروبار نہ ڪري سگهندو.

(2) ذيلي دفعہ (1) تحت لائسنس اهڙي اختياري طرفان اهڙيءَ ريت جاري ڪيو ويندو يا اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت ٻيهر جاري ڪيو ويندو، جيئن ڄاڻايو ويو هجي، هيٺ ڄاڻايل فيس تي:

واپار جو هنڌ	لائسنس في	رينيوئل في
(i)ميٽروپوليٽن شهر	سالياني 500.00 رپيا	سالياني 250.00 رپيا
(ii)ٻيا علائقا	سالياني 250.00 رپيا	سالياني 125.00 رپيا

ڏنڊ
Penalty

8. جيڪڏهن ڪو شخص دفعہ 7 جي گنجائشن جي ڀڃڪڙي ڪري ٿو تہ لائسنس في کان اضافي طور ڏنڊ جو مستحق هوندو جيڪو اهڙي في کان وڌيڪ نہ هوندو.

سول ڪورٽس ۾ ڪيسن تي پابندي
Bar of suits in Civil Courts

9. هن ايڪٽ ۽ ان سلسلي ۾ جوڙيل قاعدن موجب ٽيڪس، ڊيوٽي يا في لڳائڻ، اوڳاڙڻ يا جمع ڪرڻ تي سول ڪورٽ ۾ ڪو ڪيس نہ ٿي سگهندو.

قاعدا جوڙڻ جو اختيار
Power to make rules

10. حڪومت هن ايڪٽ جا مقصد پورا ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

شيڊول

(ڏسو دفعہ 5)

"ستون شيڊول"

(ڏسو دفعہ 11)

جريان نمبر	ڪيٽيگريز	سالياڻو ٽيڪس جو ريٽ
.1	سمورا ماڻهو جيڪي ڪنهن شعبي، واپار، ڪالنگ يا ايمپلائمينٽ ۾ مصروف هجن، سواءِ انهن جي جن جو هن ڪانپوءِ ذڪر اچي ۽ جيڪي گذريل مالي سال ۾ انڪم ٽيڪس ۾ ايندا هجن.	150
.2	سمورين پبلڪ لميٽيڊ ڪمپنيز جن کي سنڌ ۾ رجسٽرڊ آفيسون هجن.	6000
.3	(a)سمورين پرائيويٽ لميٽيڊ ۽ پرڏيهي ڪمپنيون (b)امپورٽ ۽ ايڪسپورٽ ٻنهي جو لائسنس رکندڙ (c) انڊسٽريز فيڪٽريز ۽ ڪمرشل اسٽيبلشمينٽس جا مالڪ جيڪي ڏهه يا ڏهه کان وڌيڪ ملازم رکنديون هجن سواءِ انهن جي، جيڪي (a) کان مٿي هجن. (d) سمورا ٺيڪيدار جيڪي تعميراتي ڪم ڪندڙ هجن يا شين جي سپلاءِ يا خدمتن ۽ مزدورن جي فراهمي ڪندا هجن: (i) حڪومت کان رجسٽرڊ يا	3500 1000 2500

	حڪومتي ايجنسيز جهڙوڪ:	
	(a)'A' ڪلاس ٺيڪيدار	5000
	(b)'B' ڪلاس ٺيڪيدار	3500
	(c)'C' ڪلاس ٺيڪيدار	1500
	(ii)ٻيا سمورا ٺيڪيدار:	1000
	(e)سمورا ايجنٽ، اسٽاڪسٽ، ايجنسي هولڊر ۽ هول سيلر جيڪي ٻين جي لاءِ ڪميشن بنيادن تي شين ۽ خدمتن جي وڪرو ۽ خريد ڪندا هجن.	1000
	(f) سمورا پيٽرول پمپ اسٽيشنز	1000
4.	سموريون فيڪٽريز، دڪان ۽ اسٽيبلشمينٽس سواءِ انهن جي جيڪي جريان نمبر 2 ۽ 3 مٿي ۾ ڄاڻايل هجن.	
	(a)جن کان گذريل مالي سال دوران انڪم ٽيڪس ورتي وئي هجي؛	500
	(b)جن کان گذريل مالي سال دوران انڪم ٽيڪس نہ ورتي وئي هجي.	200

نوٽ:ـ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.